February 3, 2007 at 9:33 pm | In Language, Sindhi |



لِپيوُن (تختيون) ٻولين وانگر رڳو ڪنهن وديا يان رٿ موجب اصولن سان نہ پر انساني تخليق سان نهيون آهن ۽ تاريخ جي حادثن جون شڪار آهن. انگريزي جي هجي انهي ڪري ڏاڍي ڏکي ليکبي آهي. ڪم ايندڙ اڄ لپيون ٻن قسمن جون آهن. هڪ اُچارن تي ٻڌل (آوازي ايڪن يا ’فونيم‘) لپيِ ۽ ٻي لفظن جي خيالي مورت هڪ شڪلي حرف (’ڪيريڪٽر‘) سان ڪندڙ لپيِ. لڳ ڀڳ سڀ ٻوليون اُچارن تي ٻڌلَ لپي ڪتب آڻن ٿيون پر چيني ۽ ڪورين لپيوُن لفظي موُرتين تي ٻڌل آهن. جاپاني ٻنهي نمونن کي ٻڌي پنهنجي لپي جوڙي آهي چو جو سنڌي وانگر لفظن جي پڇاڙيءَ جو آوازُ انهيءَ ٻولي ۾ وڏي معنا رکي ٿو. چيني لپي، جنهن مان اهي سڀ لفظي حُرفَ لپيون نڪتيون، انهي ڪري ٺاهي ويئي جيئن شهنشاهہ جا فرمانَ ٻيون ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙَ سمجهي سگهن. اهڙين ٻولين پڙهندڙن لاءِ ڏکيائي وڏي اها آهي تہ سمجهڻ لاءِ هزراين حرف ياد ڪرڻا پون. وري جڏهين نئون لفظ ڏسجي تہ خبر ئي نہ هجي تہ انهي جو اُچار ڇاهي، ۽ نوَن لفظن جوڙڻ يا ٻين ٻولين مان اوڌر وٺڻ جي گهرج سدائين رهي.



اُچارن تي جوڙيل لپيون حُرفن کي انهي ٻوليءَ ۾ موجود آوازي ايڪن تي سِٽين ٿيون. اهو ضروري ناهي تہ هڪ اکر هڪ آوازي ايڪي لاءِ ڪتب آندل هجي. گهڻائي ڀيرا ٻہ ٽي اکر ساڳي آوازي ايڪي لائي بيهن، مثال 'th'. اينئين ڪرڻ سان ٿورڙن اکرن سان گهڻا آواز جوڙي سگهجن. اڄ جيڪي بہ آوازي اکرن جون لپيون ڪتب اچن تن جي ابتدا فونيِشي اکرن سان ٻوليدان ٻڌائين ٿا تہ ٿيو.

(رنگ متيل لفظ تي ڪِلڪِ ڪندا تہ انهيءَ لپيءَ جي اکرن جا روپَ ڏسي سگندا). فونيشي اڄوڪي لبنان ملڪ ۾ رهندڙ هئا ۽ اتان اها لپي مصر ۽ ٻين هندن ويئي .

اکرن جي جوڙ سان آوازن مان لفظ سِٽڻ جي رٿ باقائدي ٿي سگهي ٿي پر ٻولين ۾ تاريخي سببن ڪري ڪيترن ئي لفظن جي هجي جي نياري حالتَ آ. اها نياري حالت گهڻوڪري انهي ڪري ٿي ٿي جو مليل جليل لپيون ڪتب آڻندڙ ٻولين مان ايندڙ لفظن جي هجي کي بچايو ويو آهي. ٻين ٻين ٻولين جا آواز ٻيا ۽ اکرن کي آوازي ايڪن سان ملائڻ جي رٿ ڪيتري قدر ڏار ٿئي. انهي طرح

4،000 عام جام ڪم ايندڙ انگريزي لفظ انگريزي لپي جي اصولن ڪي ٽوڙي



اکرن سان نياري آوازُن ڳنڍين. انهيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ اِهو آهي تہ انگريزي لفظن جي جڙ ٻين ٻين ٻولين مان آئي. توڙي انگريزي جرمانڪ ٻولي آهي. جارج بَرِناردُ شا انگريزي ويهين صدي ۾ وڏي ۾ وڏو ليکڪ مڃيو وڃي (شيڪسپيئر ۽ سندس صوفيانا رنگ پنهنجي جاءِ تي منجبو پر برنارڊ شاهُ مانکي جديد انگريزي ليکڪن ۾ سين کان وٽندڙ ليکڪُ لڳي). مزي جي ڳالهہ آهي تہ برنارڊ شاہ انگريزي هجي مان ايترو تہ ڪڪُ هيو جو ڪتب آڻ ئي ڇڏي ڏنائين. انهي بجاءِ هو لپي باقائيدي آوازي رٽ جڙيل ڪتب آڻيندو هو. هن پاڻ پهنجي هڪَ مشهور انگريزي ڊرامي "ايندروڪلس ۽ شينهن" جا ڊائيلاگ هن [ريتَ لکيا] (جيڪي ٻين عام انگريزي لپيءَ ۾ ڦرائي ڇاپيا)



شاھ پنھجي سموري جائداد حق تصنيف لاءِ مَتو سيُ انگريزي هجيءَ کي سڌارڻ جي ڪم جي وصيحت ڪري ڇڏي ويو. انگريزي لفظن جا اُچار ڪتي، هجي ڪتي. ڪڏھن 'a' مان آ ڪڏھن، ڪڏھن اي ڪڏھن، تہ ڪڏھن وات مڙوري اي جيڪا سنڌي ۾ ڪانھي پر هنديءَ اڙدوُ ۾ ٿئي. وري ڪڏھن اِي مان او نڪري، ڪڏھن اِي، ڪڏھن اِ، ڪڏھن اي. هڪ سوسائيٽيءَ هجي سڌارڻ جي مُھم ڪنئين آهي.

http://www.spellingsociety.org/aboutsss/aims.php

جرمن، اٽالين ۽ بيون ڪيئي بوليون انگريزي وانگر رومن لپي ڪتب آڻنديون آهن پر انھن ۾ هجي سولي آهي ۽ سڌي سنئين آهي.

سنڌي ٻولي عربي لپي جي روپ ۾ انگريزن قائم ڪرائي ۽ سرڪاري ڪاروبارَ ڪتب آڻائي ڪتب آڻڻ جو هڪُ روپ ڪرائي ڇڏيو. سنڌي آوازن لاءِ ڪيترائي نوان اکر ناهڻا پيا. انهن لفظن کي ناهڻ ۾ ڊانچو سهي رکڻ لاءِ سنڌي عالمن جي ڪاميٽي هئي جنهن جا نالا هاڻي مانکي ياد ناهن. ايترو ياد اچيم ته انهي ڪاميٽيءَ ۾ اڌ مسلمان نالا هيا ۽ اڌ هندن جا. پر نقشو ساڳيو رکڻ ممکن نه هيو. مثال ته ٻ، ڄ، ڳ ۾ ٻه نکتا پر ڏ ۾ ٽي نکتا بينا جيتوڻڪ اُچاري تور اهي چارئي [هوا (اندر) ڇڪڻا (implosive) آوازي ايڪا] آهن. و بند آوازي وَ، وِ، ۽ وُ ته ڪليل آوازي او ۽ 1وُ به.

سنڌي لاءِ عربي لپي ڪتب آڻڻ سان وڏو مسئلو اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪليل آوازي اکر (’واوِلَ‘) جو نظام پڪو ناهي. انهيءَ جو ڪارڻ آهي ته عربي، يهوُدي (هِبروُ) اوالائڪي فونيشيِ وانگر ’ابجد‘ لپِي (ڪليل آوازي ايڪا نه لکندڙ) ڪري لکي ويئي. گهڻا ماڻهون هيل به اهم زيرون زبرون ڪايو وجن جنهن سان ڪنهن مهل معنا سمجهڻ ڏکي ٿي، ۽ ڪٿي اڙدوُءَ جو اثر وڏائي اُچارَ ئي ڦرندا پيا وجن. جي پهريون وار لفظ پوت ڏسجي، ته سڌ ئي ڪانه پوي ته 45 ڊنگنِ مان ڪهڙو اُچار اَٿسِ (پ، و، ت تي زير، زبر، پيش يا وري ’و‘ جا ٻه ڪليل آوازي ايڪا؟) [لپين جي ڪوتاهي] بابت وڪيپيڊيا ۾ چڱو مضمُون ڏنل

آهي جنهن مان چاڻ ملي ٿي اسلام جي پهرين صدين ۾ عربي لپيءَ ۾ بند آوازي ايڪنِ (’ڪانسوننٽن‘) لاءِ پڻ پورا اکر ڪونهَ هيا.

اِهي ڳالهيون چڏي اها پڻ ڏکيائي آهي جو اُچارَ ڄاڻيندي بہ سنڌي ۾ ڪيترن ئي لفطن جي هجي انگريزي وانگر ياد ڪررڻي ٿي پئي جو ساڳي آواز لاءِ گهڻا ئي اکر ٿي پيا آهن. مثال تہ هڪ ز اُچار تہ چار’ز‘ لکڻ جا نمونا (ز، ذ، ظ، ض)، ٽي سينَ (س، ث، ص). پهريون وار ڪو لفظ ز واري آواز سان ٻُڌجي ٿو تہ لغت ۾ چئن هَندن تي وجي ڏسجي. جنهن ٻوليءَ مان اهي سنڌي اُچارن لاءِ اجايا اکر اچن تا اُنهيءَ ٻوليءَ ۾ انهن اکرن جا اُچارَ ٻيا ٻيا ٿين پر اسان جي ڳالهائڻ ۾ ڪو فرَقُ ڪونہ وجهن. ڪي ماڻهوڻ ڏرمي سببن ڪري لپيءَ ڪي سادو ٻڻائڻ رد ڪن ٿا جو نالن جي هجي ۾ متان ڦير اچي وجي. پر اهي وهمَ مانڪي اجايا لڳن.. ڪا لِپي آسمان مان ڪانہ لٿي. نہ رڳو اهو پرَ ساڳيا ماڻهون انگريزيءَ ۾ پنهنجو نالو لکڻ ڪان ڪينَ ڪيٻائين جتي هڪَ ئي ’ز‘ ملين.

مانڪي سنڌيءَ ۾ لکي ڪيئي ڏهاڪڙا ٿي ويا هوُندا. ڪهڙي ’ز‘ ڪتب آڻجي، ڪڏهن ياد بيهي، تہ ڪڏهن وسري وجي. سنڌي ۾ ٽائيپ ڪرڻ جي بہ ڪا عادت ڪانہ اٿمِ جنهن ڪري چڪوُن وڌيڪ ٿين. تنهن ڪري لکڻ ۾ پنجوُڻ وقت لڳيمُ. سنڌي روماني اکرن ۾ لکڻ جي عادت پڻ پئجي ويئي هئم جو ائين ڪرڻ سولو هيو.



روماني اکرن ۾ باقائدي سنڌي لکيِ تي سگهجي پر اينئين ڪرڻ لاءِ نئين رٿ جوڙرين ٿي پوي جنهن جي ماڻهن کي عادت ڪانهي... انگريزي واري رٿ ڪانہ هلي جو اها اڳي ئي ناقص آهي ۽ ٻيو تہ خاص سنڌي اُچارن لاءِ ڪم نہ ڏيندي. مثال طور ٻ لکڻ لاءِ bb ڪتب آڻي سگهجي ٿي. آ لاءِ aa ، وغيره. اهڙي رٿ متي ڪِلڪِ ڪندا تہ ڏسي سگهو ٿا. انهي کي ڪَتب آڻڻ جو مقصد هيو تہ دنيا ۾ پکيڙيلَ انهن سنڌين سان ڳالهائي سگهجي جيڪي هاڻي سنڌي عربي لپيِ پڙهيِ نٿا سگهن.

انهي ڪان بهتر نمونو لازم آهي تہ نوان اکر ناهي سگهجن ٿا، جيئين عربي ترزَ لپي ۾ سنڌي اُچارن لاءِ اکر ناهيا ويا. پر اهو وري ٿي ٻي داستان. هوُنئن بوليدانن هڪ اهڙي لپي پڻ ناهي آهي جنهن سان دنيا جون سموريون ٻوليون پنهنجن اُچارن سان درست لکي وڃي سگهجن ٿيون. پر عام ماڻهن لاءِ اها لپي سمجهڻ تمام ڏکي بيهي.

سنڌي ۾ لکڻ جو مقصد اٿم تہ سنڌين سان هڪ جذباتي ۽ قومي ناتو نڀايان جيڪو رڳو سنڌي ۾ پورو رنگ لائي.. پوءِ سنڌي هجي درُست هجي يا ناقص، جيسين سنڌي مانکي پڙهي معنا سمجهن ٿا تہ منهنجو مقصد پورو. ٻيو تہ ٿي لپي جي سڌار، اها ڳالهہ پلي پر منهنجي وسَ کان ٻاهر ٿي.

**سائين فياض شيخ هڪ ڪچهريءَ ۾ لکيو شيخ اياز جهڙي وڏي اديبَ هن ڳالهه بابت سوچيو هو. فياض جي لکيل اِيتپالَ هيٺ ڏيان ٿو ـ**

سائين مان ڪو ٻوليدان نہ آهيان ۽ نہ ئي گهڻي ان ڳالهہ تي پڙهيو اٿم. مان سمجهان ٿو تہ ٻولي جي جٽاءَ ۽ وڌاءَ تي اسان کي ڪم ڪرڻ گهرجي. اسان جي ماڙن ماڻهن کي توڙيجو جيڪي ٻار نہ آهن ڪو ٽائيپ رائيٽر سولائي سان چوڻ ڪونہ آيو هيو. نہ ئي هاڻي ڪو هو سگنل کي سگنل چوندا آهن (سنگل مون ٻڌو آهي انهن جي واتان). ٻولي ڪٿان هلي ٿي ۽ ڪٿي پڇي ٿي اسان جي هٿن ۾ آهي. مان نہ ٿو سمجهان تہ سامراجيت ۽ ڪالونائيزاشن (جنهن جي لاءِ مون وٽ هن وقت ڪو لفظ ذهن ۾ نہ ٿو اچي)، جي دور ۾ ٿرموميٽر اسان جي سنڌي ماڻهو کي ٻئي سنڌي ماڻهوءَ لاءِ استعمال ڪرڻو پيو، پر انگريز سان ڳالهائڻ ۽ ان جي ڪيفيت محسوس ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻو پيو. مان کي انداذو نہ آهي تہ اهو لفظ ڪهڙي شڪل وٺي ها جي صرف پاڻ ۾ استعمال ٿئي ها (جيئن سنگل)، جي وجي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪنهن سان ڳالهائجي تہ خبر پوندي تہ اهو چا ٿو چئي. ٻار تہ اسٽيٿو اسڪوپ بہ چئي ٿو وجي، ۽ هت آمريڪا ۾ ٽينڪيو ۽ گراسيئاس بہ سمجهي ۽ چئي ٿو وجي. آبخورو مناسب نہ لڳي تہ ٺيڪ آ پر ان جو مطلب اهو بہ نہ آهي تہ ٻوليدان ان تي ڪم نہ ڪن ۽ اسان جي ٻوليءَ ۾ لفظن جو وڌاءُ نہ ٿئي. جيئن اسان وٽ "بخار" "تپ" کي اٿهوند ڪري چڏيو آهي، جڏهن سائين گُلَ اها ڳالهہ

ڪئي ته مون کي سوچي حيراني ٿي ته ”اَٽو“ لفظ مان ڏهه سالن کان استعمال نه ڪيو آهي. جي منهنجي اها حالت آهي ته مان ڇا سمجهان ته منهنجو ٻار اهو لفظ هڪ دفعو به استعمال ڪندو؟ اسان جي هٽن ۾ آهي اهو سڀ، جي سوچيون، سمجهون ته ٻولي جيئندي ۽ وڌندي نه ته سائين تنوير واري ڳالهه سچ ٿيندي ... شيخ اياز فائونڊيشن وارن تازو ئي سائين شيخ اياز جو 1947 جو رسالو جيڪو آگسٽ جي مهيني ۾ انهن ڇاپائڻ شروع ڪيو ۽ صرف ٽئي مهينا هليو، ڇپرايو. نالو اٿس ”اڳتي قدم“. انهن ۾ سائين نارائڻ شيام، سائين پنجواڻي، هري دلگير، ڪيئلداس فاني، لطف بدوي ۽ ڪيترن ئي ٻين جا فني شاهپارا ڇپرايل آهن. انهن مان هڪڙي شماري ۾ سائين شيخ اياز جي هيٺين ڳالهه پڙهي جا انهيءَ حوالي سان آهي ۽ لکان ٿو:

**”انسانذات جو آدرش آهي ”گهٽ ۾ گهٽ جي گهٽي ۾ گهٽي پلائي“ اسان جي صورتخطي اهڙي ته تڪليف ڏيندڙ آهي جو ٻار ان کي سکڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا وٺن ٿا، حالانڪ ٻين ٻولين جي صورتخطي سکڻ ۾ صرف ٻي مهينا لڳن ٿا. هيٺين اکرن جي اچار ۾ عرب تفاوت ڪندا آهن باقي سنڌي ته تفاوت ڪو نه ڪندا آهن:**

**ا ء ع**

**ز ذ ض ظ**

**س ص ث**

**ه ح**

**ڪ ق**

**ت ط“**

سائين فياض سوال اُٿاري ٿو: پڇاڙيءَ ۾

صورتخطيءَ کي سنهنجي بنائڻ لاءِ انهن هر لفظن مان هڪ کم  چو نہ بدران ڪست لکيو وڃي. ڪيتري نہ تڪليف  آندو وڃي! چو نہ قسط جي رکي ۾ نہ صرف سندن  گهٽ ٿي وڃي! لفظن جي معنا تہ جملي تي مدار تي معنائون  صورتخطيءَ تي. چو تہ ساڳيءَ صورتخطيءَ وارن لفظن کي بہ بہ ٿي سگهن ٿيون. جڏهن آمريڪا ۾

۾   Labor کي Labour   Nite night

چا اسين ظالم کي زالم ۾ قسط کي ڪست نہ ڪري  ڪيو ويو تہ تہ اسين اڳينءَ صورتخطيءَ تي هريل آهيون. پر  مون قبوليو  .سگهنداسين لهندي!" چا انسانذات جي محنت  چا "هيريءَ سندي هير ٽنگ پڄندي بہ نہ وهمي دليل ڏئي ان  گهٽ ڪرڻ لاءِ اسين اها تبديلي نہ آڻيداسين ۾ پنهنجا کي ٿارينداسين؟

## آمريڪا جا جونيئر ڪاليج ۾ امان جون مارڪوُن

January 31, 2007 at 12:02 am | In Education, Autobiographical |



هيٺين چارٽ ۾ آمريڪا ۾ ورهيو ورهِيہ ڊگرين جا انگ ڏجن ٿا جيڪي 2003ع ۾ ڏنل ڊگرين جا آهن (هنن انگن ۾ ٿورڙو سيڪڙو ٻہ وڌارو هرَ سال ٿيندو پر ايڏو خاص ڦير نہ ايندو) ـــ

| ڊگريون ساليانو 2003 | وديارٿين جو انگ |
|---|---|
| Associate ٻہ ورهيہ | 665,301 |
| Bachelor's چار ورهيہَ | 1,399,542 |
| ماسٽر | 558,940 |
| پي ايچ ڊي | 48,378 |
| پروفيشنل | 83,041 |
| | |
| مايون | 57.1% |
| (Full-time) سارو وقتي | 61.0% |
| (Foreign) پرڏيهي | 4.4% |

هنن انگن موجب سنڌ جي جوان آبادي ڏسي، ورهيو ورهيہ اڍائي ٽي لکَ سنڌي جوان چار ورهين واري بيچلر پورِي ڪنِ.

مان اڳي ڳالهه پي ڪئي ته جونيئر ڪاليجن ۾ ”ٻه ورهيه“ لڳڻ ۽ انهي کان پوءِ ”ايسوسيئيٽ“ جي ڊگري ملي. ايسوسيئيٽ جو ڊگري سان ڪي ٽيڪنيڪي ڪم ڪن، جيئين سولي پروگرامنگ ڪمپيوٽرن جي، ڪي موٽرن جي مرمت جو ڪم سکن، ڪي وري ڪلارڪي جو ڪم سکن.... اهڙا ٿوڙا ڪلاسَ سڪولن ۾ يارهين ۽ ٻارهين ۾ پڙ ٿين ۽ جيڪي ٻار چار ورهيه ڪاليج ۾ ڪونه وڃڻ جو ارادو رکن سي ڪٽندا آهنِ ته جيئنئن ڏسن ته شونق ۽ يوگتا (لياقت) ڪهڙي اٿن.

انهي چارٽ مان پڌرو ٿيندو ته جونيئر ڪاليج ۾ ڪيترائي ڊگري وٺڻ لاءِ نه ويندا آهن جو 65 لکَ پڙهنِ پرَ ٻن ورهين ۾ 13 لکنِ کي ڊگريون ملن. انهن جو ڪارڻ ٻن سببن ڪري. هڪُ ته 39 سيڪڙو گهٽ وقتي (پارٽ ٽائيم) شاگرد آهن. اها گهڻو ويتر يان ته جونيئر ڪاليجن ۾ ويندا آهن يان ماسٽرس ۽ پروفيشنل ڊگريون وٺن. ٻيو ته جونيئر ڪاليجن ۾ ايسوسيئيٽ ڊگري ڪندڙ چڏي ٻيا گهڻن قسمن جا شاگرد اچن ٿا. ڪي ڪلاسون ٻارهين درجي جا شاگرد وٺن جيڪي ڪنهن وديا ۾ اڳتي وڌي ويا آهن ۽ سندن سِڪولُ انهيءَ وديا ۾ وڏيڪ ڪلاسَ نه ٿو ڏي. مثال منهنجو پائٽيو ٻارهين ڪلاسَ ۾ آهي. هاڻ هوُ ڳٽت وديا ۾ ڪيلڪيوُلسِ جو ٻيو ڪلاسُ ڪنهن جونيئر ڪاليج ۾ وني رهيو آهي جو اهو سندس سِڪوُلَ ۾ ڪونه پاڙهجي ۽ ڪيسُ ڳٽت وديا جو

شونق آهي. جڏهن وديارتي ڪو ڪلاس سڪول ۾ يا جونيئر ڪاليج ۾ ڪري وينو آهي ۽ انهي ڪلاس جو ميار لڳ ڀڳ ساڳيو جيڪو يونيورسٽي ۾ ساڳي ڪلاس جو، ته اهو ڪلاس ٻيهر ڪونه ڪرڻو پوي.

ڪي وري ڪلاس جونيئر ڪاليج ۾ انهي ڪري وٺن جو هنن جون هاءِ سڪول ۾ مارڪون گهٽ آيون يا انهن پرهڻ ڇڏي ڏنو هون. جڏهن تجربو وڏين ته ڏنائون تعليم جي گهرج اٿن نه ته عمر مزوري ڪرڻي پوندن. انهي ريت ڪوتهائي پوري ڪرڻ لاءِ پڻ ڪي ڪلاسَ جونيئر ڪاليجَ ۾ پاڙهجنِ. ڪي مارڪُن سنيون ڪري سال ٻن ڪان پوءِ چار ورهيه ڪاليج ۾ داخلا وٺندا.

جونيئر ڪاليج ۾ ڪي پنهنجي چاڻ وڌائڻ لاءِ پڻ ڪلاسَ وٺندا آهن. ڪڏهن اِها چاڻ پنهنجي ڪاروبار ڪي سنوارڻ ڪار هجي. مثال تور ڪو ڏندي وارو ليکاري (اڪائوُنٽنگ) ۾ يا ڪمپيوٽرن ۾ ڪورس ڪٽي.

ڪڏهن اِها چاڻ جيڪا وديارتي طلب ڪنِ سا سندن ڪنهن ڪاروبار سان واسطو نه رکي. مثال تور منهنجي ماءُ جا پوئين سال 87 ورهين جي عمر ۾ سرڳواسڻ ٿي، اسان سان رهڻ آمريڪا ويهه ورهيه اڳي آئي

هئي. پيشو ڊاڪٽري (طب) هين. 1940هن ۾ دلهيءَ مان ايم بي بي ايس
ڪئي هيائين (ڙالن لاءِ هند سنڌ ۾ هڪُ ئي ميڊيڪل ڪاليج تنهن
وقت اهو هيو). پوءِ انگليڊ بہ ويئي جراهي (سرجري) وڏيڪ سکڻ لاءِ.
هاڻ جو ستر ورهين جي عمر ۾ آمريڪا ۾ پينشن بَردارِ رٽائرڊِ اچي
ٿي. ڏنائين دبا ۽ پردا جنهن جو نالو ڪمپيوٽر. سوچيائين الاجي
ڪمپيوٽر ڇا ٿي جنهن جي ڳالهہ تا ماڻهو ڪن. تنهن مان اي ٽپال
ڪينئن وجي؟ بار ڪينئين انهي سان راند تا ڪيڏنِ؟ سوچيائين اهو
ڪينئن ڪم ڪندو آهي؟ سو وجي جونيئر ڪاليج ۾ ڪمپيوُٽرنِ تي
ڪلاسُ ڪنيائين. بي پيري آمريڪا جي تاريخ ۾ آئينَ تي ڪلاسُ
ورتائين. هڪ وار وري ڪلاسِ آتم گيان (سائيڪالاجي) تي ورتائين.
مزي جي ڳالهہ آ تہ ڪلاس وني تہ ڏيان سان پڙهندي بہ هجي. ڪو هڪ
پيري ڪنهن امتحان ۾ مارڪون بي اچي ويس. هتي عام تور تي
مارڪون اي، بيِ، سيِ، ڊي، ۽ فيل جي حساب سان هونديوُن آهن.
توڙي هر ڪاليج، سرڪاري توڙي خانگي، خود مختار آهي ۽ پنهنجي
نظام جو پاڻ فيصلو ڪري. انهي ڪري نظام ۾ ڦيريون گهيريون پڻ
هونديون آهنِ ، جيئين ڪن ڪاليجن ۾ گريڊن کي گهٽ وڌ ڪرڻ لاء
ماسترَ + يا - اکر سان گڏ هڻي سگهندا آهن. قصو ڪوتاهُ.. اچي مونجهہ
ٿيس. مان عرض ڪيو تہ "امان! خير کهڙي وڏي ڳالهہ ٿي، اوهان کي
ڪو فرق تہ نٿو پوي." چيائين "پُٽ! مون عمر بيِ ڪانہ ڪنئين آهي،

هميشہ پهرين نمبر تي آئي آهيان.. هاڻي پهريون نمبر نہ سهي، تہ بيِ تہ
ڪونہ ڪٽنديس.“ امتحان جا جواب وري ڏسي، ڪنهن سوال جي
چڪاسيءَ ۾ چُڪَ ڏٺائين ۽ امان ويئي ماستر سان ڳالهائڻ تہ ”ابا
چڪاسيِ پوُري ڪئي نہ تئيِ! مون ڪي هروُ پروُ خفو تو ڏين“

جنهن ڪاليج ۾ امان ڪلاس ڪنيا تنهن ڪاليج جو هڪ فوٽوُن جو
لنڪ هنيوتمِ. (اهڙن فوٽوُئن ڪي ڪلڪِ ڪندا تہ وڏا ٿيندوِ. ساڳي ريت
جي ڦريل رنگ ڏسو تہ گهٽوتر ڪلڪ ڪندئو تہ ويتر وڏو ٿيندو). هيءُ
فوٽون انهي اڏاوت جوآهي جنهن ۾ آڪاش نروار جي سمجهاڻي ڏيڻ
لاءِ تارن جا منظر اُڇي ڇت تي رٿبا (پروجيڪٽ ڪبا) آهن.



طب وگيان (ميڊيڪل سائنسدان) هاڻي ٻڌائين ٿا تہ جي وڏي عمر ۾ بہ
انسان مغز ڪي ورزش ڏي ٿو تہ ٻڍاپڻ جو ٻڍاڻو مغز اچڻ ۾ ديرَ ڪري.
ڏسو

>http://www.msnbc.msn.com/id/11025839/ <

خير سان امان جو 87 ورهين جي عمر تائين دماغ آهستي ٿيو
هوندو پر سنو ڪمُ ڏيندو رهيو، توڙي سرير ڪمزور ٿيندو ويو هوسِ ۽

ٻيا هوشَ پڻ پوين ورهين ۾ ڪمزور ٿيندا، نيٺ پڇاڙي مهنن ۾ ايترو ته جواب ڏيئي بيٺا جو جڳ مان لڏاڻي جو ڪر ڪندڙ آسرو سرير جي قيد مان نجات پي لڳُسِ جنهن ڪري ڊاڪٽرن ڪي ويتر علاج ڏيڻ ڪان جهلي ڇڏيائين ته ٻيلي هاڻي ڪَڪُ نه ڪيو. ڀائرَ منهنجا جو پريشان ٿيا ته رد قد ڏيندي چيائين، ”سانت سان مرڻ ڏيندا ڪن هميشه هتي وهٽو اٿم؟“ بيشڪ اول آخر آهي هلڻ هوت ري. جيڪا ڏٺيءَ جي رضا. وري ڪنهن ٻي ڏينهن امان جون ڪي ٻيون ياديون ٻڌائنيدومانوَ.

سو هاڻ ڳالهه پي ڪيمِ جونيئر ڪاليجن جي. جونيئر ڪاليجن کي پائيچاري (ڪميونٽيِ) ڪاليجُ پڻ ڪوٺيندا آهن ڇو ته اهو تعلقي ۾ لوڪ لاءِ ايترا قسمي قسمي ڪم ڏي ٿو. انهي قسم جي ڪاليج جو مقصد آهي پائيچاري جو لوڪ واڌارو. جونيئر ڪاليجن ۾ پاڙهيدڙ ڪي پي ايچ ڊي رکن، ڪي ماسترس. ڪي ڪجهه وقتي پاڙهنِ، ڪن جو پيشو اُتي پروفيسري. ڪي مياري آهن ته ڪي سادا. هڪَ مياري جوُنيئر ڪاليج جو مثال هيٺ ڏسي ٿا سگهو جيڪو منهنجي تعلقي ۾ آهي...

http://www.parkland.edu/

ايندڙ بلاگ ۾ مان آمريڪا جي يونيورٽين جو احوال ڏيندس.